15 January 2026

# بي حساب جنت

## ڏيارڻ وارا عَمَل



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان (For Islamic Brothers)

8 جنوري 2026ع (بمطابق: 19 رجب شريف 1447ھ)تي سچي پاڪستان ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بي حساب جنت ڏيارڻ وارا عَمَل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- حساب ڦاسائي ڇڏيندو
- اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ عظمت وارا ماڻهو
- سيني ڪان وڏيڪ عزت وارو ٻانهو
- بُردباريءَ جوانعام

پيشڪش

المدينة العلمية

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

امام شمس الدين سَخَاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب **القول البديع** ۾ نقل فرمائن ٿا ته حضرت سَمُره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين ته هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي سڀ کان ويجهو عمل ڪهڙا آهن؟ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ. عرض ڪيو ويو وڌيڪ ڪجھ ارشاد فرمايو! فرمايائون: تَهَجُّد جي نماز ۽ اونهاري جا روزا، عرض ڪيو ويو: حضور ڪجھ اڃان وڌيڪ ارشاد فرمايو! فرمايائون: ذِكْرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ ۽ مون تي درود پاڪ پڙهڻ تنگدستي کي دور ڪندو آهي. (1)

گر پڑھیں صدقِ دل سے، کافی ہے | حاجات کو درود شریف جملہ
پائیں گے چار پشت تک برکت | دل سے بھیجیں گے جو درود شریف (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... القول البديع، الباب الثانی من ثواب الصلاة علی رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، صفحه:135۔

2... نورِ ايمان، صفحه:39۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گنهگار جا اَجايا دليلَ

روايت آهي تہ: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي سندس اعمال نامو ڏنو ويندو تہ اُهو شخص عرض ڪندو: مولا! هن ۾ جيڪو ڪجھ لکيل آهي، اهو مون نہ ڪيو آهي، جنهن تي كِرَامًا كَاتِبِيْن (يعني عمل لکڻ وارن ملائڪن) کي گهرايو ويندو، ٻانهو عرض ڪندو: مولا! هي فرشتا آهن، هي تنهنجي حڪم جا پابند آهن، مان اُهي ئي شاهد قبول ڪندس جيڪي مون مان هجن. الله پاڪ ان ٻانهي جي زبان کي حڪم ڪندو تہ منهنجي قدرت سان ڳالهاءِ! ۽ حق کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ڳالهائجانءِ. ان شخص جي زبان سندس سمورا سنا ۽ خراب عمل بيان ڪري ڇڏيندي. ٻانهو ٻيهر عرض ڪندو: مولا! هيءَ زبان ئي تہ آهي جيڪا اڪثر گناهہ ڪرائيندي آهي، هيءَ تہ هُونئن ئي منهنجي دشمن آهي، منهنجي دشمن جي شاهدي منهنجي خلاف ڪيئن معتبر ٿي سگهي ٿي؟

هاڻي الله پاڪ ٻانهي جي هٿن کي حڪم ڏيندو: اِنْطِقَا بِمَا فَعَلَ عَبْدِى يعني (اي منهنجي ٻانهي جا هٿؤ!) ٻڌايو تہ منهنجي ٻانهي ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪيا آهن؟ ان جا هٿ سڀ ڪجھ سچ سچ ٻڌائي ڇڏيندا. ٻانهو ٽيون ڀيرو عرض ڪندو: مولا! هي ٻئي هٿ گڏجي هڪ شاهد آهن، ٻيو شاهد اجان باقي آهي. الله پاڪ

1... بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

سندس پيرن کي فرمائيندو: توهان جو ڇا چوڻ آهي؟ منهنجي ٻانهي جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، ان جي سچي سچي شاهدي ڏيو...!! تہ سندس پير بہ ان جي خلاف شاهدي ڏيندا.

هاڻي جڏهن ان شخص جا سيئي مطالبا (***Demands***) پورا ٿي چڪا هوندا، سندس گناهن تي شاهديون قائم ٿي چڪيون هونديون تہ هُو گهٻرائجي ويندو ۽ پنهنجي عضون کي دڙڪا ڏيندي چوندو: اي منهنجا عضوؤ ...!! توهان ۽ مان هڪ ئي تہ آهيون، مان جهنم (***Hell***) ۾ ويس تہ توهان بہ تہ جهنم ۾ سڙنديؤ، مان توهان کي بچائڻ جي لاءِ ئي تہ پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ بار بار درخواستون ڪري رهيو آهيان ۽ توهان منهنجي (يعني پاڻ ئي پنهنجي) خلاف گواهي ڏئي رهيا آهيو؟ سندس عضوا (جهڙوڪ هٿ، پير وغيره) چوندا: اسان اللّٰه پاڪ جي حڪم سان ڳالهائي رهيا آهيون، اُهو ئي آهي جيڪو سيني کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائيندو آهي.

هاڻي اُهو شخص تمام گهڻو شرمسار ٿيندو، وٽس نجات جو ڪو بہ رستو باقي نہ رهندو، تنهنڪري ملائڪن کي حڪم ٿيندو تہ اي ملائڪو! هن کي وٺي وڃي جهنم ۾ اڇلايو...!! هاڻي اهو ٻانهو عرض ڪندو: اي رب ڪريم! تون تہ اَرْحَمُ الرّٰاحِمِين (يعني سيني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو) آهين، مون گنهگار تي تنهنجي رحمت ڪڏهن وسندي؟ اللّٰه پاڪ فرمائيندو: منهنجي رحمت تسليم ڪرڻ وارن جي لاءِ آهي، تون پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪر! توکي رحمت نصيب ٿي ويندي. اُهو شخص فوراً عرض ڪندو: مان پنهنجي سيني گناهن جو اقرار ڪريان ٿو، هي تہ بس دوزخ جو خوف هو، جنهن جي ڪري آئون بحث بازي (***Disputation*** يعني اُبتا سُبتا دليل) ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس. هاڻي حڪم ٿيندو تہ اي فرشتو! منهنجي ٻانهي کي منهنجي رحمت سان منهنجي جنت ۾ وٺي وڃو! بيشڪ مون هِن کي بخشي ڇڏيو. (1)

نہ کرنا حشر میں پُرسش، مری ہو بے سبب بخشش | عطا کر باغِ فِردَوس از پئے شاہِ اُمَم مولیٰ!

1... دُرَّةُ النَّاصحين، جلد:2، صفحہ:381تا385 ملتقطاً.

خِرَد کرتی نہیں اب کام، اِلٰہی! میں ہُوا ناکام | تجھی سے اِلتجا ہے مجھ پہ کر رحم و کرم مولیٰ!
تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی | تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ!(1)

اي عاشقانِ رسول! اُن گنهگار کي رب کريم بخشي ڇڏيندو، ڪيس گناهن جي باوجود جنت ۾ داخل ڪندو، يقيناً اِها سندس رحمت آهي پر غور ڪريو تہ! معاملو ڪيڏو نہ ڏکيو آهي، افسوس! قيامت جي ڏينهن بهانا نہ هلندا، اڄ تہ زبان هلائي ٻين جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي ڇڏيندا آهيون، ڪُوڙا بهانا (*Lame Excuses*) ٺاهي دل خوش ڪري وٺندا آهيون، پاڻ کي ڪوڙي تسلي ڏيندا آهيون پر هاءِ! قيامت جي ڏينهن جڏهن **ربَ قهار** جي بارگاهہ ۾ حاضري ٿيندي، گناهن سان ڀريل، سياهہ اعمالنامو جڏهن هٿ ۾ ڏنو ويندو، تہ ان وقت انڪار جي ڪا بہ صورت باقي نہ رهندي، اسان جا پنهنجا ئي عضوا، اسان جا هٿ، اسان جا پير، اسان جي زبان، اسان جي چمڙي اسان جي ئي خلاف گواهي ڏئي رهيا هوندا، اهڙي حالت ۾ نجات حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو هوندو. يقيناً قابلِ رشڪ اهو آهي جنهن کي الله پاڪ پنهنجي رحمت سان جنت ۾ داخلا نصيب فرمائيندو.

## حساب ڦاسائي ڇڏيندو

حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ حُوْسِبَ عُذِّبَ يعني جنهن کان حساب ورتو ويندو، اهو عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندو. (2)

امتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ! | بے سبب بخش دے مولیٰ! ترا کیا جاتا ہے؟ (3)

امام حَسَن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حيرت ان ڳالهہ تي نہ آهي تہ هلاڪ ٿيڻ وارو ڪيئن هلاڪ ٿيو؟ پر حيرت تہ هن ڳالهہ تي آهي تہ نجات

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:97و98ملتقطاً۔
2... بخاری، کتاب العلم، باب من سمع شيئا...الخ، صفحہ:101، حديث:103۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:432۔

حاصل ڪرڻ وارو نجات ڪيئن حاصل ڪري ويو؟ [1] يعني قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب جو معاملو ايترو ته سخت ۽ ڏکيو آهي جو ان ۾ ناڪام ٿي جهنم جو حقدار بڻجي وڃڻ تمام آسان ڳالهه آهي پر نجات حاصل ڪري جنت جو حقدار بڻجڻ تمام ڏکيو آهي، تنهنڪري حيرت انهيءَ ڳالهه تي نه آهي ته جهنم ۾ وڃڻ وارو جهنم ۾ ڪيئن ويو؟ پر حيرت ته انهيءَ ڳالهه تي آهي ته حساب ڪتاب کان نجات حاصل ڪرڻ واري کي نجات ڪيئن ملي وئي؟

مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے | ہو مجھ ناتواں پر کرم یااِلٰہی!
گُناہوں سے بھرپُور نامہ ہے میرا | مجھے بخش دے کر کرم یااِلٰہی!
میں تھا لائقِ نارِ دوزخ خُدایا | دِی جنّت ہے کتنا کرم یااِلٰہی! (2)

## بي حساب جنت ڏيارڻ وارا عَمَلَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي هيءَ دعا ڪرڻ گهرجي ته الله پاڪ بس پنهنجي رحمت سان، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان بغير حساب جي ئي جنت عطا فرمائي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسان گنهگارن تي هي به وڏو احسان آهي ته هنن اسان کي اهڙا نيڪ عمل ٻڌايا آهن جن کي اختيار ڪري اسان قيامت جي حساب کان بچي سگهون ٿا ۽ بي حساب جنت ۾ داخل ٿيڻ جا حقدار بڻجي سگهون ٿا. اچو ته! اهڙن نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

## (1) وقت تي نماز پڙهڻ

بي حساب جنت ۾ وڃڻ وارو پهريون نيڪ عمل آهي: **وقت تي نماز پڙهڻ** (*Offering the prayer on time*). مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِيَ اللهُ عَنها کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي،

1... آداب حسن بصری لابن جوزی، صفحہ:24۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:110ملتقطاً۔

رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جو فرمان آهي تہ منهنجي ٻانهي جو منهنجي ذمہ ڪرم تي عهد آهي تہ جيڪڏهن هو وقت تي نماز قائم رکي تہ مان هُن کي عذاب نہ ڏيان ۽ کيس بغير حساب جي جنت ۾ داخل ڪيان. (1)

پڑھتے رہو نماز کہ جنّت میں جاؤ گے | ہو گا وہ تم پہ فضل کہ دیکھے ہی جاؤ گے

هن حديثِ قدسي مان ڪجهہ ڳالهيون معلوم ٿيون: ۞ پهرين ڳالهہ: اِها تہ وقت تي نماز جي پابندي ڪرڻ واري کي الله پاڪ عذاب نہ ڏيندو ۞ ٻي ڳالهہ: اِها تہ وقت تي نماز ادا ڪرڻ بغير حساب جي جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي ۞ ٽين ڳالهہ: اِها تہ نماز پڙهڻ تمام وڏي فضيلت وارو عمل آهي ۞ چوٿين ڳالهہ: اِها تہ هر مسلمان کي نماز جي وقتن جو خيال رکڻ گهرجي، تہ جيئن وقت تي نماز ادا ڪري سگهجي.

## نماز وقت مقرر ڪيل فرض آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! نماز وقت مقرر ڪيل فرض آهي. يعني هر نماز جو الڳ الڳ وقت مقرر آهي، نماز هميشہ انهيءَ وقت ۾ ئي ادا ڪرڻي هوندي آهي. هڪ مشهور آيت مبارڪ آهي جيڪا مسجدن ۾ بہ لکيل هوندي آهي بلڪ مسجدن جي گهڙيال (*Clock*) تي بہ لکيل هوندي آهي. سيپارو: **5**، **سورت نساء** جي آيت نمبر **103** ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾ | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ نماز مسلمانن تي مقرر ڪيل وقت ۾ فرض آهي. |

## عبادت جي وقتن جي ڄاڻ رکڻ هر مسلمان تي فرضِ عين آهي

هر عاقل بالغ کي نمازن جي وقتن جو خيال رکڻ ضروري آهي. ڪجهہ نمازي هن ڳالهہ جي بلڪل بہ پرواهہ (*care*) نہ ڪندا آهن تہ ڪهڙي نماز جو

---

1... معجم اوسط، جلد:3، صفحہ:334، حديث:4764ملتقطاً۔

وقت ڪيسيتائين آهي؟ ماڻهن کي خبر ئي نہ هوندي آهي، ڪڏهن تہ ماڻهو سج ايري (*Sun rises*) چڪو هوندو آهي يعني فجر جو وقت ختم ٿي چڪو هوندو آهي پر پوءِ بہ نماز فجر ادا ڪري رهيا هوندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: وقت سڃاڻڻ يعني نماز، روزي وغيره جي وقتن جي معلومات رکڻ هر مسلمان تي فرضِ عين (يعني هر عاقل ۽ بالغ مسلمان جي لاءِ ضروري) آهي. (1)

## الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عظمت وارا ٻانها

صحابيءِ رسول، حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ پنهنجي دوستن کي فرمايو: جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مان ضرور ان ڳالهہ تہ قسم کڻندس، پوءِ فرمايائون: الله جو قسم! جنهن ڪانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي، بيشڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سڀني ٻانهن کان وڌيڪ عظمت وارا اُهي ماڻهو آهن جيڪي رات ڏينهن، سج ۽ چنڊ جو ڌيان رکندا آهن. دوستن عرض ڪيو: اي ابو درداء! ڇا ان مان مؤذن مراد آهن؟ فرمايائون: هر اهو مسلمان جيڪو نماز جي وقتن جو خيال رکڻ وارو آهي. (2)

اسان کي گهرجي تہ نمازن جي وقتن جو لحاظ رکون. اڄڪلهہ نمازن جي وقتن جو لحاظ رکڻ جو هڪ آسان طريقو هي آهي تہ پنهنجي موبائل ۾ *Prayer Time Application* انسٽال ڪري ڇڏيو، هيءَ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان جاري ڪيل تمام اعليٰ ايپلي ڪيشن آهي، هر مسلمان جي ضرورت آهي. هن ۾ سڄي دنيا جي لکين جاين جا نماز جا وقت ڏنا ويا آهن. ان کان علاوه ڊجيٽل تسبيح (*Digital Tasbih*)، قبلہ نما (يعني *Compass* ڪمپاس) ۽ ٻيا بہ ڪيترائي بهترين فيچرز موجود آهن، هڪ اهم فيچر هن جو هي بہ آهي تہ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اسان موبائل کي آٽو سائلينٽ موڊ (*Auto silent mode*) تي لڳائي سگهون ٿا. هن آپشن جي مدد سان جيئن ئي نماز جو وقت ٿيندو، موبائل پاڻمرادو سائلينٽ (*Silent*) تي ويندي، اهڙي

---

1... فتاویٰ رضويہ، جلد:10، صفحہ:569۔

2... ڪتاب الثقات، جلد: 4، صفحہ:330، حديث:4799۔

طرح مسجد ۾ موبائل جي ٽون وڄڻ کان بچڻ سگھجي ٿو.

الله پاڪ اسان کي پنج ئي نمازون وقت تي مسجد ۾، باجماعت پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! سيني نمازن جي وقتن جو لحاظ رکڻ جي عادت بڻجي وڃي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

## (2) ٻيو نيڪ عمل: تقويٰ

بي حساب جنت ڏيارڻ وارو ٻيو نيڪ عمل آهي: **تقويٰ**. جيڪو تقويٰ اختيار ڪندو آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ کيس بي حساب جنت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.

هن حوالي سان 3 قرآن ڪريم جون آيتون ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍؕ (۴۵) اُدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ اٰمِنِيْنَ (۴۶) (پاره:14، سورة حجر:45-46) | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ پرهيزگار ماڻهو باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. (حڪم ٿيندو) ان ۾ سلامتي سان امن ۽ امان سان داخل ٿي وڃو. |

هڪ ٻي هنڌ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا لا (۸۵) (پاره:16، سورة مريم:85) | ترجموڪنزالعرفان: ياد ڪيو جنهن ڏينهن اسان پرهيزگارن کي رحمٰن جي طرف مهمان بڻائي وٺي وينداسين. |

## آخرت جي ورهاست تقويٰ تي ڪئي وئي آهي

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ تقويٰ جي برڪت سان بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب ٿي ويندي. تصوف جي مشهور ڪتاب **رسالہ قُشَيرِيہ** ۾ آهي، حضرت شيخ ڪَتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دنيا جي ورهاست آزمائش تي ڪئي وئي آهي ۽ آخرت جي ورهاست تقويٰ تي ڪئي وئي آهي.[1] يعني دنيا ۾ عزت، مرتبو ۽ مقام، بلندي، ترقي ۽ ڪاميابي ان کي ملندي آهي جيڪو وڌيڪ

1... رساله قشيريه، تقوىٰ کا بيان، صفحه:219۔

محنت ڪندو آهي جڏهن تہ آخرت ۾ بلند درجا، وڏيڪ عزت (*Honor*)، اعليٰ مقام ۽ مرتبو ان کي ملندو جيڪو وڏيڪ تقويٰ وارو يعني پرهيزگار هوندو. جيئن سيپارو: **12**، سورت هُود، آيت نمبر **49** ۾ ارشاد ٿيو آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۹﴾ (پارو: **12**، سورة هُود: **49**) | ترجموڪنز العرفان: بيشڪ سنو انجام پرهيزگارن جي لاءِ آهي. |

هڪ مقام تي الله پاڪ جنت جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ (پارو: **4**، سورة آل عمران: **133**) | ترجموڪنزالعرفان: اُها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. |

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جنت بڻائي ئي پرهيزگان جي لاءِ آهي، تنهنڪري جيڪو وڏيڪ متقي هوندو، ان کي جنت ۾ وڏيڪ بلند درجا نصيب ٿيندا، ان کي وڏيڪ نعمتون ملنديون.

## تقويٰ ڇا آهي؟

تقويٰ ڇا کي چئبو آهي؟ اِهو بہ سمجهي وٺو! هڪ ڏينهن مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْهُ حضرت ڪعبُ الْاَحْبَار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي فرمايو: اي ڪعب! ٻڌايو تہ تقويٰ ڇا آهي؟ حضرت ڪعبُ الْاَحْبَار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪيو: اي اَمِيرالمومنين! ڇا توهان ڪڏهن اهڙي رستي تان گذريا آهيو جنهن تي ڪَنڊيدار ٿاريون هجن؟ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمايو: ها، بلڪل منهنجو اهڙي رستي تان گذر ٿيو آهي. حضرت ڪعب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪيو: پوءِ توهان اهڙي رستي تان ڪيئن گذرندا آهيو؟ ارشاد فرمايائون: آئون ڪنڊن کان بچندو آهيان ۽ پنهنجا ڪپڙا سميٽي ڇڏيندو آهيان. حضرت ڪعب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪيو: ذٰلِكَ التَّقْوٰى اي اميرالمومنين! بس اِها ئي تقويٰ آهي (*This is piety*).[1]

[1]...تفسيرِ بغوی، پاره:1، سورة بقره، زيرِ آيت:2، جلد:1، صفحه:13۔

مطلب هي آهي تہ اسان هن دنيا ۾ آياسين، اللّٰہ پاڪ اسان کي پاڪيزه روح عطا فرمايو، پاڪ صاف دل ڏني، هاڻي اسان هن دنيا مان گذري آخرت ڏانهن وڃي رهيا آهيون، جڻ تہ هيءَ دنيا هڪ رستو آهي ۽ هن رستي تي ڪنڊن واريون ڻاريون آهن ۞ هڪ پاسي شيطان آهي ۞ هڪ پاسي نفس آهي ۞ هڪ پاسي دنيا جي محبت آهي ۞ هڪ پاسي مال جي محبت آهي ۞ حسد ۞ بغض ۞ ڪينو ۞ خواهش پرستي وغيره وغيره هزارين گناهہ ۽ هزارين گناهن جا رستا آهن، اِهي سڀ جڻ ڪنڊيدار ڻاريون آهن، اسان کي زندگي جي هن سفر ۾ پنهنجي پاڪيزه روح کي، پنهنجي دل کي انهن ڪنڊن وارين ڻارين (يعني گناهن) کان بچائيندي گذرڻو آهي، بس انهيءَ ئي شيءِ جو نالو تقويٰ آهي.

## (3): معاف ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! بي حساب جنت ڏيارڻ وارن عملن مان هڪ عمل **معاف ڪرڻ** بہ آهي.

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ غيب ڄاڻڻ ۽ غيب ٻڌائڻ واري سچي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏيندي فرمايو: جڏهن قيامت جي ڏينهن ماڻهو حساب ڏيڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا تہ هڪ پڪارڻ وارو پڪاريندو: اهي ماڻهو اُٿن جن جو اجر اللّٰہ پاڪ جي ذمي آهي ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃن. پڇيو ويندو: اهي ڪير آهن جن جو اجر اللّٰہ پاڪ جي ذمي آهي؟ چيو ويندو: ماڻهن کان درگذر ڪرڻ وارا. اِهو ٻڌي هزارين ماڻهو اٿندا ۽ بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا. (1)

مُعاف فضل و کرم سے ہو ہر خطا یا ربّ | ہو مغفِرت پئے سلطانِ اَنبیا یا ربّ
بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یا ربّ | پڑوس خُلد میں سَرور کا ہو عطا یا ربّ (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... معجم اوسط،جلد:1، صفحہ:542، حديث:1998.

2... وسائل بخشش، صفحہ:82.

## معاف ڪرڻ جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ماڻھن کي معاف ڪرڻ بي حساب جنت ڏيارڻ وارو عمل آھي. افسوس! اڄڪلھ ھن نيڪي تي عمل ڪرڻ وارا تمام ٿورا ماڻھو نظر اچي رھيا آھن. ڪاوڙ، بغض، ڪينو (يعني دل ۾ دشمني لڪائي رکڻ) تمام عام آھي. ٻين جي ٿورڙي غلطي تي تعلق ٽوڙيا ويندا آھن، دلين ۾ ڳالھيون سانڍيون ويندڙيون آھن ۽ پلاند ورتا ويندا آھن. ڪاش! اسان کي توفيق ملي وڃي ۽ اسان بہ ٻين کي معاف ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## معاف ڪرڻ افضل عمل آھي

الله پاڪ ارشاد فرمايو آھي:

اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿۱۴۹﴾

(سيپارو: **6**، سورة نساء: **149**)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪڏھن توھان ڪا ڀلائي ظاھر ڪريو يا لڪي ڪريو يا ڪنھن جي برائي کان درگذر ڪيو تہ بيشڪ الله معاف ڪرڻ وارو قدرت وارو آھي.

يعني جيڪڏھن توھان ڪو نيڪ ڪم اعلانيہ ڪريو يا لڪائي ڪريو يا ڪنھن جي برائي کان درگذر ڪريو تہ اِھو افضل ڪم آھي، ڇوتہ الله پاڪ سزا ڏيڻ تي ھر طرح سان قادر ھجڻ جي باوجود بہ پنھنجن ٻانھن جي گناھن کان درگذر ڪندو آھي ۽ کين معاف فرمائي ڇڏيندو آھي. **تنھنڪري توھان بہ پنھنجي مٿان ظلم ڪرڻ وارن کي معاف ڪريو ۽ ماڻھن جي غلطين کان درگذر ڪريو.** (1)

## سيني کان وڌيڪ عزت وارو ٻانھو

حضرت ابو ھريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آھي تہ حضور پر نور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منھنجا رب! تنھنجي ٻانھن مان ڪير تنھنجي بارگاھ ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو آھي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: **اُھو جيڪو بدلو وٺڻ تي قدرت رکڻ جي باوجود بہ معاف ڪري ڇڏي.** (2)

1... تفسير صراط الجنان،پاره:6، سورة نساء، زيرِ آيت:149، جلد:2، صفحہ:341۔

2... شعب الايمان،باب فی حسن الخلق، فصل فی ترک الغضب، جلد:6، صفحہ: 319، حديث: 8327۔

## معاف ڪرڻ سبب جنت ۾ داخلا

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ٽن ڳالهين تي عمل ڪندو تہ اللّٰه پاڪ ان جي حساب ڪتاب ۾ آساني فرمائيندو ۽ ان کي پنهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل فرمائيندو. عرض ڪيو ويو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اهي ٽي عمل ڪهڙا آهن؟ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: **(1): جيڪو توکي محروم ڪري تون ان کي عطا ڪر (2): جيڪو توکان تعلق ٽوڙي تون ان سان تعلق جوڙ (3): ۽ جيڪو توتي ظلم ڪري تون ان کي معاف ڪري ڇڏ.** عرض ڪيو ويو: يا نبيَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جڏهن مان اِهي عمل ڪندس تہ مون کي ڇا ملندو؟ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: يُدْخِلُكَ اللّٰہُ الْجَنَّةَ يعني **اللّٰه پاڪ توکي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو.** (1)

ڪوئی دُھتکارے یا جھاڑے بلکہ مارے صبر کر | مت جھگڑ، مت بڑبڑا، پا اَجر رب سے صبر کر
کرنا تم عطّار کے حق میں دُعائے مغفرت | اِس جہاں میں عافِیت ہو اُس جہاں میں عافِیت (2)

## سيئي اَبُو ضَمضَم بڻجي وڃو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! معاف ڪرڻ جي نسبت سان پياري محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ خوبصورت نصيحت ٻڌو! هيءَ نصيحت منهنجي لاءِ بہ آهي، اوهان جي لاءِ بہ آهي، زيد، عَمرَو، بڪر وغيره سيني جي لاءِ آهي. سردارِ دوجهان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا توهان سيئي اَبُو ضَمضَم جهڙا نہ ٿا ٿي سگهو؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم عرض ڪيو: ابو ضمضم ڪير آهي؟ فرمايائون: توهان کان اڳين ماڻهن مان هڪ شخص هو، جڏهن صبح ٿيندو هو تہ هُو هِينئن چوندو هو: **اي اللّٰه پاڪ! مون اڄ جي ڏينهن پنهنجي عزت ان شخص تي صدقو ڪري**

---

1... مجمع الزوائد، كتاب البر و الصلة، باب مكارم الاخلاق...الخ، جلد:8، صفحہ:247،حديث:13697-

2...وسائل بخشش، صفحہ:694-695 ملتقطاً-

**چڏي (يعني ڪيس معاف ڪري ڇڏيو) جيڪو مون تي ظلم ڪري.** (1)

ڪيڏي نہ پياري نصيحت آهي. اسان بہ پنهنجو اِهو معمول بڻائي ڇڏيون تہ ۞ روزانو پنهنجي عزت، پنهنجو وقار، پنهنجي ڏکي قد جو رعب، پنهنجي عهدي (*positions*) ۽ منصب جي هاڪ وغيره اُهي سڀئي شيون جيڪي اسان کي بي صبري ۽ ڪاوڙ تي اپاريندڙيون آهن، سي سڀ قربان ڪري ڇڏيون ۞ روزانو هيءَ نيت ڪريو تہ يا الله پاڪ! اڄ جيڪو جيڪو مون کي ستائيندو، مون ان کي اڳواٽ ئي معاف ڪري ڇڏيو ۞ اڄ جيڪو جيڪو مون تي آڱر کڻندو، مون ان کي معاف ڪري ڇڏيو ۞ جيڪو بہ اڄ مون کي طعنا ڏيندو، مون ان کي معاف ڪري ڇڏيو ۞ جيڪو بہ اڄ مون کي تڪليف پهچائيندو ۞ مون ڏانهن گهُوري ڏسندو ۞ مون کي گاريون ڏيندو ۞ مون تي طنزيہ جملا ڪَسيندو، اي الله پاڪ! تنهنجي رضا جي لاءِ مون سڀني کي اڳواٽ ئي معاف ڪري ڇڏيو.

الله پاڪ اسان کي ان جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اسان کي صبر، حلم ۽ برداشت جي نعمت نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

| | |
|---|---|
| تُو عطا حِلْم کی بھیک کر دے | میرے اخلاق بھی ٹھیک کر دے |
| تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے (2) |

## (4) صلهءِ رَحمِي

پيارا اسلامي ڀائرو! بغير حساب جي جنت ڏيارڻ وارن عملن مان هڪ بهترين عمل **صلهءِ رَحمِي** بہ آهي. بهار شريعت ۾ آهي: صلهءِ رحمي جي معنيٰ: رشتي کي جوڙڻ آهي يعني رشتيدارن سان نيڪي ۽ سٺو سلوڪ يعني ڀلائي ڪرڻ. (3)

---

1... شعب الايمان، باب:فی حسن الخلق، جلد:6، صفحہ262، حديث:8082۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:138۔
3... بہار شريعت،جلد:3، صفحہ:558، حصّہ16: بتغير۔

## رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جون صورتون

صلهءِ رحمي يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جون مختلف صورتون آهن جهڙوڪ ۞ انهن کي هديو يا تحفو (*Gift*) ڏيڻ ۞ جيڪڏهن ڪنهن معاملي انهن کي توهان جي مدد (*Help*) جي ضرورت هجي ته سندن مدد ڪرڻ ۞ انهن کي سلام ڪرڻ ۞ انهن سان ملاقات ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ ۞ انهن سان اٿڻ ويهڻ ۞ انهن کان حال احوال پڇڻ ۞ ساڻن لطف ۽ مهرباني سان پيش اچڻ. (1)

## اللّٰه پاڪ ان کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي هر صورت ۾ پنهنجن رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪندو رهڻ گهرجي. اجڪلهه ماٺهو ننڍي ننڍي ڳالهه تي تعلقات ٽوڙي ڇڏيندا آهن ۞ فلاڻي پنهنجي پٽ جي شادي (*Wedding*) ۾ نه گهرايو، تنهنڪري ان سان مرڻو پرڻو ختم...!! ۞ فلاڻي پنهنجي گهر گهُرائي چڱي نموني عزت (*Honor*) نه ڏني، تنهنڪري اڄ کان اُن سان اسان جو ڪو به تعلق نه آهي ۞ فلاڻي رشتيدار منهنجي دڪان بدران ٻئي جي دڪان تان سودو خريد ڪيو، تنهنڪري ان سان ڳالهه ٻولهه بند، بلڪل ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي مرڻ جيئڻ ختم ڪيو (يعني رشتو ٽوڙيو) ويندو آهي جڏهن ته جن رشتيدارن سان صلهءِ رحمي جو حڪم آهي يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم آهي، انهن سان رشتو ٽوڙي ڇڏڻ سخت گناهه جو ڪم آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو رشتو ٽوڙيندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي. (2)

## بُردباريءَ جو انعام

اسان وٽ هڪ ڳالهه تمام گهڻو عام آهي، اُهو هي ته منهنجا رشتيدار جڏهن مون سان صحيح نه ٿا هلَن، مون سان سٺو سلوڪ نه ٿا ڪن ته پوءِ مان

1... دُرَر الحکام،جلد: 1، صفحہ:323۔
2... ابو داؤد، کتاب الزکاۃ، باب صلۃ الرحم، صفحہ:276، حدیث:1694 خلاصۃً۔

انهن سان سنو سلوڪ ڇو ڪريان؟ هي عموماً ذهن ۾ اٿڻ وارو خيال آهي. هن سلسلي ۾ هڪ حديث پاڪ پڙهو! حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ۞ مان پنهنجي رشتيدارن سان صلهءِ رحمي ڪندو آهيان پر اُهي مون سان تعلق ٽوڙيندا آهن ۞ مان انهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش ايندو آهيان پر اُهي مون سان برو سلوڪ ڪندا آهن ۞ مان انهن سان بردباري (*Forbearance*) سان پيش ايندو آهيان پر هُو مون سان جاهلن وارو ورتاءُ ڪندا آهن. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪڏهن معاملو ائين ئي آهي جيئن تون بيان ڪري رهيو آهين ته توسان ڳڏ الله پاڪ جي طرفان هڪ مددگار رهندو جيستائين تون انهيءَ حال تي رهندين.(1)

## (5) قَناعت

پيارا اسلامي ڀائرو! بي حساب جنت ڏيارڻ وارو هڪ عمل **قناعت** (*Contentment*) به آهي.

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ هُدِيَ بِالْاِسْلَامِ جنهن کي اسلام جي هدايت ڏني وئي وَقَنَعَ بِمَا آتَاهُ اللّٰهُ تَعَالٰى ۽ هو الله پاڪ جي عطا ڪيل شين تي قناعت اختيار ڪري دَخَلَ الْجَنَّةَ بِغَيْرِ حِسَابٍ ته اهو بغير حساب جي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. (2)

## قناعت ڇا کي چوندا آهن؟

حضرت علامه عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انسان کي جيڪو ڪجهه الله پاڪ جي طرفان ملي، ان تي راضي رهي زندگي گذارڻ ۽ حرص ۽ لالچ کي ڇڏي ڏيڻ کي قناعت چئبو آهي. قناعت جي عادت انسان جي لاءِ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، قناعت پسند انسان سڪون جي دولت سان مالامال هوندو آهي جڏهن ته حريص ۽ لالچي انسان هميشه پريشان رهندو آهي. (3)

---

1... مسلم،ڪتاب البر و الصلة...الخ،باب صلة الرحم...الخ،صفحه:993،حديث:2558.
2... ڪتاب الڪسب ، صفحه:207.
3... جنتي زيور، صفحه: 136.

ضرورت سے زِیادہ مال و دولت کا نہیں طالب
رہے بس آپ کی نظرِ عنایت یارسولَ اللہ!
رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر
عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یارسولَ اللہ! (1)

## جنت ۾ بي حساب داخلا ڏيارڻ وارا ڪجھ عَمَل

بي حساب جنت ڏيارڻ وارا ڪجھ وڌيڪ عمل ٻڌو! مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو فرمان آهي: مون حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي: **117 خُلق** آهن، جيڪو شخص انهن **117 خُلقن** مان ڪنهن هڪ **خُلق** تي بہ عمل ڪندو تہ اُهو بغير حساب جي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اُهي **خُلق** (*Ethics*) اسان کي بہ ٻڌايو، جنهن تي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ۞ ڪاوڙ پي وڃڻ ۞ قدرت هئڻ جي باوجود معاف ڪري ڇڏڻ ۞ قطع رحمي جي بدلي ۾ صلهٔ رحمي ڪرڻ ۞ ڪو جاهلن وارو ورتاءُ ڪري تہ حِلم ۽ بردباري اختيار ڪرڻ ۞ ڪاوڙ جي وقت باوقار رهڻ ۞ ناشڪري جي وقت حق ادا ڪرڻ (يعني جن جو حق ادا ڪرڻ اسان تي لازم آهي، جيتوڻيڪ هُو اسان جي ناشڪري ڪن تڏهن بہ سندن حق ادا ڪيو وڃي) ۞ بڪايلن کي ڪاڏو ڪارائڻ ۞ محروم ڪرڻ وارن کي عطا ڪرڻ ۞ فساد جي وقت اصلاح ڪرڻ ۞ برائي ڪرڻ واري کان درگذر ڪرڻ ۞ ظلم ڪرڻ واري سان نرمي ڪرڻ ۞ معذرت ڪرڻ واري جي معذرت قبول ڪرڻ ۞ حق بيان ڪرڻ ۞ نڳي واري زندگي کان پاسو ڪرڻ ۞ ۽ الله پاڪ جي اخلاقن مان سڀ کان وڌيڪ محبوب شيءِ **جُود ۽ ڪرم** آهي. جڏهن الله پاڪ

1... وسائل بخشش، صفحہ:332۔

ڪنهن شخص سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي ته ان کي سٺن اخلاقن جي توفيق عطا فرمائيندو آهي، جنهن سان اُن جي تخليق ڪئي ويندي آهي ۽ جنهن شخص سان برائي جو ارادو فرمائيندو آهي ته ڪيس ڇڏي ڏيندو آهي.(1)

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪجھ نيڪ عملن بابت ٻڌو جھڙوڪ ۞ نماز وقت تي ادا ڪرڻ ۞ تقويٰ اختيار ڪرڻ ۞ صلهٔ رحمي ڪرڻ ۞ ماڻھن کي معاف ڪرڻ ۞ قناعت اختيار ڪرڻ وغيره وغيره هِي اُهي عمل آهن جيڪي ٻانهي کي بي حساب جنت ۾ وٺي ويندا آهن.

تنهنڪري اسان سڀني کي گھرجي ته اِهي نيڪ عمل اختيار ڪريون ۽ سچي زندگي انهن تي ثابت قدم رهون، الله پاڪ چاهيو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب ٿي ويندي.

وڌيڪ اهڙن نيڪ عملن بابت معلومات حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل تمام پيارو ڪتاب: جنّت میں لے جانے والے. جو مطالعو فرمايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گھڻي ديني معلومات ۽ نيڪ عملن جي فضيلتن بابت ڄاڻ ملندي. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! بي حساب جنت ڏيارڻ وارا عمل اپنائڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ، خوب نيڪيون ڪري الله پاڪ کي راضي ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ بچائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گھڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾** به آهي.

1... نوادِرُ الاُصول ، الاصل الحادی والستون و المائتان...الخ، جلد:2، صفحه:295.

موجوده دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهم العَالِيَه اسان کي هي مقصد ڏنو آهي تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي۔**

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول هن مقصد جي تڪميل لاءِ ڳوٺ، واهڻ (*Village*)، شهر جي آس پاس، شهر جا اُهي علائقا جتي ديني ڪم ڪمزور آهن، ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪندا آهن ۞ ڪنهن بہ ڏينهن خاص ڪري جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر انهن علائقن ۾ ويندا آهن ۞ اتي مسجد ۾ نفلي اعتڪاف ٿيندو آهي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪئي ويندي آهي ۞ توهان بہ تشريف ڪٺي ايندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ۞ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو ۞ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي ۞ حديث پاڪ جو مفهوم آهي تہ: جيڪي قدم راهِ خدا ۾ مٽيءَ هاڻا ٿيندا آهن، انهن کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي آهي.[1] ۞ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀائرن وٽ شهر جي مضافات ۾ ويندو آهي، حديث پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنت جي بشارت آئي آهي.[2] اچو تہ ترغيب جي لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان:

## اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهجي وياسين

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان بہ عام نوجوانن جيان غفلت واري زندگي گذاري رهيو هيس، منهنجي قسمت جو ستارو هن طرح چمڪيو جو هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ ڪجهہ اسلامي ڀائر **هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾** گذارڻ جي لاءِ آيا، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي هن ديني ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، تنهنڪري مان بہ پنهنجي ڪجهہ دوستن سان گڏجي شامل ٿي ويس، واپس وڃڻ وقت هڪ اسلامي ڀاءُ هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني تہ

---

1... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔
2... معجم اوسط،جلد:1، صفحہ:472، حديث:1743۔

اسان عرض ڪيو: جيڪڏهن ياد رهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرور شرڪت ڪنداسين. بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اتي ان ئي اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جنهن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي، اُهي ايتري ته اخلاق سان پيش آيا جو اسان ته بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهجي وياسين. منهنجو ته جڻ زندگي گذارڻ جو انداز ئي بدلجي ويو، نمازن جي پابندي نصيب ٿي وئي، گانن جي جاءِ تي نعت شريف ٻڌڻ لڳس، چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو سجائي ڇڏيو، اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے | نہیں ہے یہ ہرگز بُرا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صراطُ الجنان ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! دعوتِ اسلامي اسان کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي به علمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: ***Sirat ul Jinan Quran & Tafsir*** (صراطُ الجنان قرآن اينڊ تفسير)- هن ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن ڪريم ۞ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو لکيل ترجمو ڪنز الايمان ۞ آسان ترجمو، ترجمو ڪنز العرفان ۽ ۞ آسان انداز ۾ لکيل تفسير صراطُ الجنان شامل آهي- ۞ قرآن ڪريم، ترجمو ۽ تفسير آڊيو ۾ به ٻڌي سگهو ٿا ۞ روزانو تلاوت ڪرڻ وارين سورتن کي الڳ ترتيب ڏنو ويو آهي ۞ مدني چينل تي هلڻ وارا تفسيرِ قرآن جا پروگرام ۽ ٻيا به ڪيترائي قرآني پروگرام هن ايپلي ڪيشن ذريعي آساني سان ڏسي سگهجن ٿا ۞ وڌيڪ هي ته قرآني آيتن،

ترجمي ۽ تفسير کي واٽس ايپ (*Whats App*)، فيس بڪ (***Facebook***) وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر به ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ به علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب به ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهه ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. ❀ هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً **8** وڳي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادری دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا- سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخِ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ **دِيني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **قوت القلوب مان 57 مدني گُلَ (قسط:2)** جو اعلان ڪيو ويندو- هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان به شيئر **(Share)** ڪريو! ❀ الله پاڪ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي لاتعداد معجزا عطا فرمايا جن مان هڪ تمام منفرد، ممتاز ۽ نمايان معجزو، **معراج** آهي- پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جي ٿورڙي حصي ۾ ستن آسمانن، عرش ۽ ڪرسي کان به مٿي تشريف وٺي ويا، جاڳندڙ اکين سان الله پاڪ کين پنهنجو ديدار عطا فرمايو ۽ ان کان پوءِ زمين تي جلوه گر ٿيا- هن واقعي بابت مڪتبة المدينہ هڪ ڪتاب **فيضانِ معراج** شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان **90 رپين** ۾ خريد

فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو! ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رَجَب ۾ پڙهي وڃڻ واري دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! **رجب شريف** جو مبارڪ مهينو هَلي رهيو آهي، نبين جي نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ انداز هو تہ جڏهن بہ ماهِ رجب ايندو هو تہ هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

**ترجمو:** اي اللّٰه پاڪ! تون اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان تائين پهچاءِ. [1]

اچو تہ! اسان بہ هي دعا پڙهي ڇڏيون:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت. شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ (يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو). [2]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حُسنِ اخلاق سنتِ مصطفيٰ آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** ايمان ۾ وڌيڪ ڪامل اُهي آهن

---

1... مُسْنَد بَزّار، جلد:13، صفحه:117، حديث:6496۔
2... مشکوٰة،کتاب:الْاِيمان، بابِ: الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

جن جا اخلاق سٺا آهن. [1] **(2):** حُسنِ اخلاق کان وڌيڪ بهتر مسلمان کي بي کا به شيءِ نه ڏني وئي آهي. [2]

اي عاشقانِ رسول! حسنِ اخلاق سنتِ مصطفيٰ آهي- ۞ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر هڪ سان خوش اخلاقي ۽ ملنساري جو ورتاءُ فرمائيندا هئا ۞ نه ڪڏهن دڙڪا ڏيندا هئا، نه ئي جهڙڪيندا هئا ۞ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ڏسي مسڪرائيندا هئا، انهن سان ۽ سندن ٻارن سان خوش طبعي فرمائيندا هئا، ٻارن کي پنهنجي هنج مبارڪ ۾ ويهاريندا هئا ۞ مريضن جي عيادت فرمائيندا هئا ۞ مجلس ۾ ڪڏهن به پير ڊگهيري نه ويهندا هئا ۞ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا ۞ سيني کي سنن نالن سان سڏيندا هئا ۞ ٻئي جي ڳالهه اڌ ۾ نه ڪٽيندا هئا.

الله پاڪ اسان کي به اخلاقِ مصطفيٰ اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

بنا دو صبر و رضا کا پیکر | بنوں خوش اخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت | نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولاناالياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

اُلفتِ مصطفیٰ اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو

---

1... ابو داود، كتاب السنه، باب دليل على زيادة الايمان، صفحه:737حديث: 4682۔

2... شعب الايمان، باب فی حُسّنِ خلق، جلد:6، صفحه:235، حديث:7992۔

عِلْم حاصِل کرو، جَہل زائِل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينهصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت ٻه ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينهصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُکان روايت آهي ته تاجدارِ مدينهصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمجن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.(1)

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَافِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.(3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(1)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي ته سرکارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(2)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.(3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455